# ٻڌيءَ ۾ ٻل

هِڪ ڏينهن صبوح جو ڪبوترن جو هِڪ جُهنڊ آسمان ۾ پيو اُڏاميو.گٽر گو گٽر گو گٽر گو ڪاڏي جي ڳولها ۾ هوُ پري پري تائين پيواُڏاميا پَرَ هِنن کي کائڻ لاءِ ڪُجهه بہ نصيب نہ ٿيو. هِنن ۾ هِڪڙو ننڍڙو ڪبوتر ڏاڍو ٿڪجي پيو هو. هِن پنهنجي اڳوان پولو کي چيو،"پولو دادا مان ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان ٿورو آرام ڪريون؟". "مُنهنجا ٻچڙا ايترو جلدي ٿڪجڻ نيڪ نہ آهي. چنتا نہ ڪر جلدي اسان کي ڪُجهہ نہ ڪُجهہ کاڏي لاءِصرور مِلي ويندو". اِهي اکر ٻُڌي ننڍڙو ڪبوتر چُپ ٿي ويو ۽ اُتساه وچان جلدي تکڙو اُڏامڻ لڳو ۽جلدي پنهنجن ساٿين کان اڳتي نڪري ويو.

جهنگل ۾ هِڪ شڪاري چانورن جا ڪُجهہ داڻا زمين تي پکيڙي ڇڏيا هُئا ۽ اُن جي مٿان پنهنجو ڄار وڇايو هو. ڪبوتر جي نظر اِنهن داڻن تي پيئي، هوُ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين "واهه واهہ! ڏسو تہ سهين هيٺ زمين تي چانورن جا داڻا اَڇا اَڇا جهڙا کير". اڙي! ها اَڇو اَڇو سڀ هيٺ اَچو ڊِوَ ڪري کائون". سڀيئي ڪبوتر هيٺ زمين تي لهي آيا ۽ چانور کائڻ لڳا. پر هي ڇا؟ ڄار ۾ ڪبوترن جا پير ڦاسي پيا. سڀ ڏڪي ويا ۽ پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا پر ڇڏائي نہ سگهيا. جلد ئي هِنن شڪاريءَ کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺو. ڄار ۾ ايترا ڪبوتر ڏسي شڪاري چوڻ لڳو،ها ها!"واهه واهہ! اَڄ تہ مُنهنجو نصيب کُليو آهي". سردار چيو،"شڪاريءَ جي هِتي پهُچڻ کان اڳِ ئي اسان کي ڪُجهہ ڪرڻ گهرجي"." ها ها! ٻڌايو اَسين ڇا ڪريون؟"." مُونکي هِڪ اَٽڪل سُجهي آهي. اَسين سڀ گڏجي هِن ڄار سوُڌو اُڏامون. ياد رکجو تہ اَسان کي گڏجي اُڏامڻو آهي.

سڀني پنهنجي سردار جي ڳالهہ مڃي ۽ سڄي طاقت سان سڀيئي ڄار سوُڌو اُڏاميا. شڪاري اِهو نظارو ڏسي وائڙو ٿي ويو. هُو اُنهن ڪبوترن پُٺيان ڊوڙيو پرَ پهُچي نہ سگهُيو. سردار چيو، "اَسان جو هِڪُ خطرو ٽري ويو. هاڻي اَچو هيٺ مندَر ڏانهن اُڏامون جتي مُنهنجو دوست ڪوئو رهندو آهي. هُو اَسان کي هِن ڄار مان ضرور آزاد ڪندو. اِهو ٻُڌي سڀيئي ڪبوتر ڏاڍو خوش ٿيا ۽ هيٺ اَچي پهُتا جتي ڪوئي جوبِرهو. هيترن ڪبوترن جي اُڏامڻ ڪري ڏاڍو آواز پئي ٿيو اِهو ٻُڌي ڪوئو ڊڄي پنهنجي ٻِر ۾ لڪي پيو. سردار چيو، "او!پيارا ڪوئا مان ٽُنهنجو دوست ڪبوتر آهيان. مهرباني ڪري ٻاهر اَچ ۽ اَسان جي مدد ڪَرِ. ڪوُئي پنهنجي دوست جو آواز سُڃاتو ۽ يڪدم ٻر مان ٻاهر نِڪري آيو. ڪبوترن جي سردار ڪوُئي کي ساري حقيقت ٻڌائي چيو، "مُنهنجا دوست مهرباني ڪري ڄارکي ڪتري اَسان کي آزاد ڪر. اَسين ٽُنهنجا سدائين شُڪرگُذار رهنداسين." ڪوُئي چيو، "پيارا دوست مُون لاءِ تہ اِهو ڏاڍو

سوءَلو ڪم آهي مان توهان کي جلد ٿو آزاد ڪريان.“ ڪوُئو جلد پنهنجن ڏندن چار ڪُترڻ لڳو. سڀ ڪبوتر آزاد ٿيا. هِنن ڪوئي جي مهرباني مڃي ۽ خوش ٿي گهر ڏانهن اُڏامي ويا. .


12B/2 Jethi K. Sipahimalani Soc., Mahim, Mumbai 400016, India 0091 22 24464941/ 9821473200
www.sindhisangat.com, www.sindhisaathi.org, www.sindhisangat.tv, info@sindhisangat.com